SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

# عجيب جواهر

انگريزي مکيه شاعرن جا انتخاب
سنڌي شعر ۾

شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ مرحوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# عجيب جواهر

انگريزي مکيه شاعرن جا انتخاب

سنڌي شعر ۾

شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ مرحوم

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چاپو پهريون　سال ١٩١٥ع　تعداد ١٠٠٠
چاپو ٻيو　سال ١٩٦٧ع　تعداد ١٠٠٠

قيمت [redacted] رپيو

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
امين منزل، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد ۾ ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني، ائڪٽنگ سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، امين منزل، گاڏي کاتي، حيدرآباد سنڌ مان شايع ڪيو.

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com　Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

# مُنڍي

هن ڪتاب اڳي پارسي شاعرن جي ڪتابن مان ڪي چونڊيل انتخاب يا مفيد ۽ نازڪ خيال گڏ ڪري ”موتين جي دٻليءَ“ جي پنهنجي ڀاڱن ۾ ڏنا ويا آهن. اهڙا ساڳيا عمدا خيال انگريزي شاعرن جي ڪتابن مان گڏ ڪري سنڌي شعر ۾ پيش ٿا ڪجن. شعر جدا جدا وزنن تي آهن، تنهنڪري پڙهڻ جي سهوليت لاءِ هرهڪ جي مٿان وزن ڏنو ويو آهي. ڪي ٿورا ته انگريزي وزنن تي به ڏنا ويا آهن. مضمون اڪثر نصيحت جهڙو آهي، ڪي ٿوريون رواجي ڳالهيون آهن. شاعرن جا نالا به ڏنا ويا آهن. انگريزي مضمون ڪوشش ڪري سچوئي سنڌي شعر ۾ ڏنو ويو آهي. انهيءَ ۾ ڪيتري مشڪلات ٿي هوندي، تنهنجو پڙهندڙ پاڻ انصاف ڪري سگهندا. اميد آهي ته پڙهندڙ هي ”عجيب جواهر“ پڙهي خوش ٿيندا ۽ فائدو حاصل ڪندا.

شعر

قدر ڄاڻي جواهرن جو ڪونه،
ڪڏهن جڳ ۾ جواهريءَ ڏارا؛
ري سخن سنج ڪونڪو سمجهي،
منهنجا سونهري هي سخن سارا.

حيدرآباد سنڌ

ڊسمبر ١٩١٤ع

— قليچ بيگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وليم شيڪسپيئر

# ١- دنيا رهڻ جي لائق آهي يا نه؟

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

سوال آهي ته: دنيا اندر رهون نه رهون،
نصيب جا پيا سدا سور ۽ عذاب سهون!

انهيءَ کان آهي چڱو، تا وڙهون پڌي هٿيار،
ڪٽڪ ڏکن جا ٻڇايون ۽ ڪاهي پهچون پار.

مرون، سمهي ڪريون آرام، پئون هميشه ڇُٽي،
سيئي عذاب حياتيءَ جا نيت پون ڪُٽي.

مَرڻ، سمهڻ ۽ ڏسڻ خواب خوش ۽ ٿيڻ سُکي،
سعادت آهي برابر، مگر ٿي ڳالهه ڏُکي.

الاجي موت جي آن ننڊ ۾ ڪهڙا خواب ڏسون،
مرڻ کان پوءِ آبد تائين پيا عذاب سهون.

سهي ٿو ڪير هي صدما ڀلا زماني جا،
سگهن، جي سرڪشي ۽ ظالمن جو جورو جفا.

نياڳي عشق جو ساڙو، ۽ قاعدي جي دير،
ڪرين جي ٽوڪ ۽ حاڪم جي روڪ سهندو ڪير؟

وڃائي قدر ۽ عزت خراب ڪير ٿئي،
۽ ڪُڙڪي، جهڙڪي، هجي پيو عذاب ساڻ جئي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مگر نہ موٽيو مسافر عدم جي ملڪ مان ڪو،
مرڻ کان پوءِ ٿئي ڇا؟ اهو منجهائي ٿو.

انهيءَ خوف کان لاچار پيا عذاب سهون،
هتي جي بيخبريءَ کان ڏجي هيتي ٿا رهون.

انهيءَ طرح ڪري بزدل، اسان کي پنهنجو من،
خيال وهم اسان جو پڄيو ارادو وڃهن.

انهيءَ طرح وڃي همت آڏاسي ۽ چستي،
وڏن ڪمن جي ڪرڻ کان نهوڙي نئي سستي.

•

## ٣- دنيا تماشي گاهہ آهي ۽ عمر جون ست منزلون

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

آهي ناٽڪ جو ٿَلهو دنيا ۽ جڳ ناٽڪ جو کيل،
مڙس زالون ناٽڪي آهن، ٿئي آت جن جو ميل.

ڪي اچن ۽ ڪي وڃن، واري سان سڀ ٿا دمبدم،
هڪ ڄڻي کي پڻ پون ڪڏهن گهڻا ڪرڻا ٿا ڪم.

کيل جا ست پاڳا آهن، عمر جون ست منزلون:
پهرين ٻاراڻي وهي، جڏهن ٻار ڪڇ ۾ ڪن رڙيون.

پوءِ وهي ڏي ڇوڪراڻي، جڏهن نہ مت ڪنهن جي مڃن،
ڪُرڪندا ۽ جهڙڪندا لاچار مڪتب ۾ وڃن.


Scanned with CamScanner

پوءِ جواني، جڏهن رهي ڪوري جان؟ ماڻهو آهه ۽
عشق سان ٿاهي غزل محبوب جي ساراهه ۽.

پوءِ ٿئي ڏاڙهي سان سپاهي، جنگيون ۽ جهيڙا ڪري،
۽ قسم ڪائي گهڻا، ناموس عزت لاءِ مري.

پوءِ وڏي ڏينهن ۾، ڏاري ٻپ وڏو، ڏاڙهي ڏگهي،
۽ لهي دانا ۽ منصف ٿي پذيرائي سگهي.

پوءِ اچي پيري، سنهو ٿئي آن جو آواز ۽ بدن،
۽ ڍڪي عينڪ ۽ سادو ويس، جالي منجهه جتن.

پوءِ ستين منزل اچي، جا پوئين منزل عمر جي،
سڀ حواس آن جا وڃن، ٻي جڻ ٿي ٻارائي وهي!

●

## (مقابلي لاءِ پڙهو)

### نظامي جي پارسي شعر جو ترجمو

اوهان ڪي ٿو پڌايان عمر جو حال،
سڀئي معلوم آن جو ٿيو احوال:

ننڍپڻ، خواهه جواني، خواهه پيري،
ڪري هرهڪ اسان جي دستگيري.

اسان جي عمر جيسين ڏهه ورهيه آهه،
رهي ٿو راند جو نت خيال همراهه.

وهي ويهن جي، غفلت جو زمانو،
ملي ماڻهو ڪي حرڪت جو بهانو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جڏهن جي نيهه، ڪامل ٿئي جواني،
خوشيءَ خواهه مستيءَ جي نشاني.
جي ڏاها ٿيو ڪريو حاصل سعادت،
خدا جي آئين ڪريو تڏهين عبادت.
چڙهي جڏهن عمر جا چاليهه ٿيا سال،
ڪسن ڪني ۽ ڇڻن تڏهين پر و بال.
ٿيو پنجاهه، گم ٿي تندرستي،
نظر ڪم ٿي بدن ۾ آئي سستي.
وڏي جڏهن عمر ماڻهوءَ جي ٿئي سٺ،
تڏهن ڏئي ٽيڪ ڀت تي يا ڪٺي لٺ.
جڏهن ستر ورهه سر تي وجهن بار،
سڀئي عضوا ٿين ساڻا ۽ بيڪار.
جڏهن انسان جي ٿي عمر اسي،
تڏهن سڀ مت زماني تنهن کان کسي.
نوي تائين جڏهن ڪو پهچي مشڪل،
ڏکيائيءَ کان ڏکي هردم سندس دل.
جنهين سؤ سال تائين عمر پاتي،
تنهن لاءِ موت پڻ آهي حياتي.
رهي سؤ سال يا هڪ ڏينهن هت ڪو،
لڏيندو نيٺ هن دنيا منجهان سو.
تڏهن ماڻهوءَ کي گهرجي نت رهڻ شاد،
خدا کي تنهن خوشيءَ ۾ پڻ ڪرڻ ياد.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ٣- رحم جي تعريف

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

رحم جهڙي ناهي ڪا شئي عجيب،
رحم هر انسان کي شل ٿئي نصيب!
رحم نيڪيءَ جي نشاني آهي هڪ،
رحم حق جي مهرباني آهي هڪ.
رحم بيشڪ هڪ خدائي ذات آهه،
رحم هڪڙي برڪتي برسات آهه.
جا وسي جهرمر ٿي سنهڙي مينهن جان،
موهي من کي جا نسوري نينهن جان.
جا اچي آپ مان پوي ڌرتيءَ مٿي،
گاهه گل، وڻ ٽڻ سڪا ساوا ڪري.
رحم روشن نُور ٿيو چوڏس چٽو،
رحم مان نت فائدو آهي ٻٽو.
جو ڪري، جنهن تي ڪري، ٻئي نهال،
خوش رهن ڏيندڙ ۽ وٺندڙ ٻئي بحال.
رحم جهڙي سگهه سجهي ٻي ڪانه مور،
رحم لحظي ۾ ڪري سڀ درد دور.
رحم زيور آهي شاهن لاءِ شريف،
تاج کان وڌ ٿو لڳي تن کي لطيف.
حڪم هڪ طاقت دنيائي آهي سچ،
بادشاهن لاءِ وڏائي آهي سچ.


Scanned with CamScanner

رحم آن طاقت کان واڌو آهي، پر
جي ڪبي ڪا اصل آن جي تي نظر.

حڪم جيي ۽ زور جيي بازوءَ ۾ جاءِ،
رحم جيي دل ۾ جڳهه نت ٿي جڳاءِ.

حڪم جي ٿئي رحم سان شامل ڪٿي،
زور دنيائي خدائي ٿئي بٿي.

رحم آهي هڪ رباني خاصيت،
رحم آهي روح جي هڪ ماهيت.

رحم کي اصلي خدا خود ڪيو پسند،
رحم ڪان نالو سندس ٿيو ارجمند.

جڳ چوي تنهن کي ٿو رحمان ۽ رحيم،
ٿو ڪرم ۽ فضل سان سڏجي ڪريم.

رحم جي ٿي گهرج هر حيوان کي،
رحم جي ٿي گهرج سڀ اِنسان کي.

رحم ڏارا ڪهڙو ٿئي ماڻهوءَ جو حال،
هِت ۽ هُت ٿئي زندگي تنهن جي وبال.

رحم سان رب جي ٿين سڀ ڪم راس،
عدل ساڻ آن جي چڻ جي ڪنهن کي آس؟

رحم کولي پاڻ بندو پُرقصور،
ٿيو تڏهن لازم ڪرڻ پئي تي ضرور.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ٤- پٽ کي نصيحت

(فعولن فعولن فعولن فعول)

نہ جهيڙي ۾ گهڙ تون، مگر جي گهڙين،
نہ وڙهہ اهڙو جو پنهنجو دشمن تڙين.
تون هر ڪنهن جي ٻڌ ڳالهہ، ڪنهن سان نہ ڪر،
تون ڪنهن بار پئي جو ۽ پئي تي نہ ڊر.
اُڌارو نہ وٺ ۽ اُڌارو نہ ڏي،
وڃي دوستي، پڻ رقم گم ٿئي.
اُڌاسي ٿو صرفو وڃي ڪان اُڌار،
۽ اسراف لاءِ ماڻهو ٿئي ٿو تيار.
سڀ کان هي ڳالهہ سنهنجي ٻڌ ج،
هميشہ سچو پاڻ سان تون رهج.
يقين، ڏينهن-پويان اچي رات جيئن،
نہ ڪوڙو تون ڪنهن سان ڪڏهن رهندين تيئن.

●

## ٥- ننڊ

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

ننڊ سڀ ٿي چاڪ دامن فڪر گهٽتيءَ جو ادا!
موت آهي روز مرهہ جي حياتيءَ جو آها.
سرهم آهي آوءَ ڦٽيل دل جو، وڏو ثاني سپاهُ،
۽ حياتيءَ جي جشن ۾، پرورش جو پڻ آپاهُ.

●


Scanned with CamScanner

## ٦- سچي اُميد

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

سچي اميد ابابيل جان آڏامي، واه،
ڪري ملائڪ شاهن کي، عام خلق کي شاهه.

●

## ٧- بڇڙي شئي ۾ چڱي

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن)

آهي بڇڙين شين ۾ پڻ لڪل جوهر چڱاين جو،
خبرداريءَ سان جي آن مان ڪڍي محنت سان ڇاڻي ڪو.

●

## ٨- ذاتي خوبي

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

گل چڱو آهي پر چڱو ٿيو آو،
جو منجهس ٿي رهي چڱي خوشبوءِ.

●

## ٩- شينهن ۽ ڪتي جو فرق

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

ٿا ڪتا ننڍڙا جڏهن شيڪين ڏند،
ڪونه پروا ٿو رکي تن جي ڪڏهن.
پر وڏا ماڻهو وچن ٿا پڻ ڏکي،
شينهن جي گجگوڙ، ڪٽ ٿئي ٿي جڏهن.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ١٠- چوريءَ جا مثال

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

توکي چوريءَ جا آهن ڍڳايان مثال،
سي ڍڳي ۽ پروڙي ٿيندين نهال.
سج آهي چور جو ڪري تابش،
ڪڍي پاڻي سمنڊ جو ساڻ ڪشش.
چنڊ آهي چور، روشني پنهنجي،
سج مان چورائي، جو وٺي ٿو ڪڍي.
۽ وري خود سمنڊ آهي چور،
چنڊ مان جو ڪڍي ٿو پنهنجو زور.
آهي ڌرتي ب چور، جا ڪائي،
گند ڪچري مان کاڄ چورائي.
”شيڪسپيئر“ چوي گهڻي ٿوري،
ڪري دنيا ۾ سڀڪا شئي چوري.

●

الیگزينڊر پوپ

## ١١- ماڻهو

(فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات)

پاڻ کي چاڻ، سچاڻ کان ٿي حق جي نادان،
گهرجي انسان کي چاڻڻ ۽ سڃاڻڻ انسان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڌ چڙهڻ لاءِ، ڪيرڻ لاءِ ٻه اڌ، آيو بشر،
سڀ جو مالڪ آهي، پڻ سڀ جو شڪار آهي مگر.
سچ ۽ انصاف جو صاحب ۽ گناهن ۾ غرق،
جڳ جو ڳجهه آهي، عجب مسخري ۽ فخر جو ٻرق.

●

## ١٢- سک يا خوشي

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

اي زماني جا سک، اسان جي مراد،
نانوَ تنهنجا ڪريان آءٌ ڪهڙا ياد؟
خير آرام ۽ خوشي خوبي،
۽ قناعت، يا آهين ٻيو جيڪي.
شوق سان تنهنجي لاءِ واجهايون،
مرون همت سان، صبر سان جيئون.

●

## ١٣- سُک ۽ علم

نه تعصب ڪري وڏون هڪ وات،
پر ڏسون خلق ۾ خدائي لاٽ.
اها نيڪي جهان جو سک چاڻ،
علم سڀ کان چڱو، تون پاڻ سڃاڻ.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## ١٤- گهٽو ۽ ٿورو علم

علم ٿورو، گهٽي وجهي گهاٽي،
پيئي جيجهو يا نه چک اهو پاٽي.
ٿورو ڍڪ مغز ۾ ٿو آڻي جوش،
جي پري جام پين ته موٽئي هوش.

●

## ١٥- قناعت

پورو وٺ ڏي ته منهنجي ٿئي گادي،
ڀيو ٽڪر ڀور ڏي ۽ آزادي.

●

## ١٦- دولت ۽ درجو

دولت ۽ درجو هٿ اچي جي سنئون،
ته چڱو، نا ته ڪوبه رستو چڱون.

●

وليم ڪوپر

## ١٧- علم ۽ عقل

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

علم ڪي ٿئي فخر ۽ چئي ڄاڻان آءٌ ٿو هيترو،
عقل چئي ذت ڏي نماڻو، آءٌ ته ڄاڻان ڪين ڪي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ١٨- نڪمائي

جنهن کي مشغولي نہ آهي، تنهن کي ٿيو آرام ڪونہ،
خيال کان دل خالي جا، غم سان پر يل سا ڇو نہ؟

واچ جانؐ سو آهي، جنهن کي ڪونہ ڪانئوئي ٿهي،
آهي نڪمي هر طرح، توڙي هلي توڙي ٻهي.

●

## ١٩- عبادت

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

ڏکي شيطان ٿئي تڏهن ٿو سرد،
ڏسي سجدي ۾ جڏهن خدا جو مرد.

●

## ٢٠- خدا جا رستا

پنهنجي اسرار جي خدا کي خبر،
آن جي حڪمت کان جڳ آهي حيران.

رکي پنهنجا قدم سمنڊ اندر،
ٿو سواري ڪري مٿي طوفان.

قهر جي پردي پويان پڻ اڪثر،
لطف جو منهن ڏيکاري ٿو رحمان.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سر والٽر اسڪاٽ

## ٢١- عشق ۽ اميد

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

گل لڳي سهڻو نهايت، جڏهن ٿو آو تازو ڪُلي،
۽ گهڻو اميد چمڪي، جڏهن ٿي نڪري خوف مان.

گل وڻي بيحد صبح جو، جڏهن مٿس شبنم پوي،
۽ وڻي ٿو عشق بيحد، جڏهن هنجون هاري اکيان.

●

## ٢٢- عشق

(فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات)

صلح جي وقت ٿو ريدار جو نڙ عشق وڄاءِ،
جنگ جي وقت ٿو ميدان ۾ گهوڙو ڊوڙاءِ.

محل ماڙين ۾ ڏڪي عشق عجب پوشاڪون،
۽ ڍنگين ۾ نچي گاهن تي ۽ لوڏي پانهون.

عشق جو حڪم هلي شاهه گدا تي يڪسان،
هيٺان ماڻهن تي ۽ ملڪن تي ۽ ولين تي مٿان.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آليور گولڊسمٿ

## ٢٣- خيال ڪرڻ

(مفاعان فعلاتن مفاعلن فعلات)

اهو مون ورتو گهڻو آزمودو منجهه مسڪن،
جي خيال ڪر، سي هلائن ٿا جيڪي پورهيو ڪن.

●

## ٢٤- دوستي

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

دوستي آهي چا، فقط نالو،
لولي آهي جا نت سمهاري ٿي.
مال ناموس جو آهي پاڇو،
جڏهن چڙهي ٿي، تڏهن رئاري ٿي.

●

جان ڊرائڊن

## ٢٥- تندرستي

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

مفت گهرجئي تندرستي، جهنگ جي ڪاٺ تون هوا،
فيي ڏئي چو ڊاڪٽر کي، کائين ڪوڙي تون دوا؟
عقل وارا ٿا سدا ورزش سان ڪن پنهنجو علاج،
ڪم خدا جي کي نه ٿئي، ماڻهوءَ جي هٿ جو احتياج.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ٣٦- اڄ

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن)

سڀاڳو سو، جو خوش ٿي چئي اڄوڪو ڏينهن منهنجو آهه،
نه پروا ڪر سڀاڻي جي، ڇڱو اڄ ڏينهن گذريو آهه!

●

## ٣٧- حياتي ٿڳي آهي

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

ڏسان ٿو خيال ڪري، تہ حياتي آهي ٺڳي،
تڏهن بہ ڀاڄي ڀوي، جڳ ڀتيان اميد لڳي.

عجيب ڀولو، جئي ڪونه موٽي عمر ويل،
رهيل چمار مان تہ بہ سڪ جي آس ڪنهن نہ ڀڳي.

●

## ٣٨- عيب ۽ هنر

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن)

خطائون عيب ڪڪ آهن، ترن پاڻيءَ مٿان ٿا جي،
لهيون پاتار ۾ ڏيئي ٽوٻو، سوتي جيڪو ٿو ڳولي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آلفريڊ ٽينيسن

## ٢٩- ڀلائي

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

حال کهڙو به مر هجي ڪنهن جو،
سڀ شرافت آهي چڱائي ۾.
دل چڱي، تاج تخت کان بهتر،
ٻڻ کان ايمان وڌ، وڏائي ۾.

●

## ٣٠- عشق

مٽر سؤدو نه عشق جو تون ڪرين،
تنهن کان بهتر، ڪرين ۽ هارائين!

●

## ٣١- قسمت تي حڪم

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

موجهري تي هل، چڱو ڪر ڪم، هجين جڳ ۾ جتي،
تو سگهي اڌ حڪم ماڻهوءَ جو هلي، قسمت مٿي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لارڊ بائرن

## ۳۲- صلح ڪُل

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

جي محبت ڪن ٿا مون سان، تن سان اوريان پنهنجو درد،
جي عداوت ٿا رکن، تن سان ڪلي ڳالهايان خوش.
مر ڦري ڪيئن بيي فلڪ، مر ٿئي زمانو گرم سرد،
دل آهي حاضر هميشه، آٽيان قسمت کي نه ڪش.

●

## ۳۳- گهر موٽڻ جي خوشي

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

اچي خوشي ٿي نه ڪهڙي جڏهن ڪتا ڀونڪن!
پري کان خير سان موٽڻ جي مرحبا سي ڪن.
ڦري ٿو هاڻ سجهي ٿو جڏهن اندر ۾ اکيون،
ڏيون شوق مان ۾ نهارين ۽ ڏسي ٿيون ڏرن.

●

## ۳۴- سچي ناموس

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن)

نه ناموس آهي ڪا منجهه جنگ، رت دريا وهائڻ ۾،
سچي ناموس آهي ڪنهن جي، هڪ ڳوڙهي سڪائڻ ۾.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽامس گري

## ۳۵- قياس ۽ بيقياسي

(فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات)

هرڪو دنيا ۾ سهي سور، رهي منجهه وسواس،
قياس وارو سهي پئي ٿو جو، سهي پنهنجو بيقياس.

●

ٽامس مور

## ۳۶- سڀ فنا

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

جيڪي هت سهڻو آهي، فاني آهه،
جيئن گهڻو سهڻو، تيئن وڃي ٿو سيگهو.
جيڪي آهي مٺو ۽ دل وڻندڙ،
سو وڃي ٿو، جڏهن وڻي ٿو گهڻو.

●

## ۳۷- دنيا سڀ ڪوڙ

هي جهان آهي هڪڙو ڪوڙو ڏيک،
خوش رکي خلق کي ڀلائي ٿو.
سڀ خوشيءَ جون کلون ۽ ڏک جون هنجون،
ڪوڙ آڻي ٿو ۽ وهائي ٿو.
ڪي ڏٺيءَ ڪان سواءِ ناهي سچو،
سچ آنهيءَ کي ئي نت جڳائي ٿو.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ابراهام ڪائولي

## ٣٨- وقت جي حقيقت

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

ڦي حقيقت وقت جي سمجهڻ محال،
ناهي مستقبل ۽ ماضي، آهي حال.
ڪي به ايندڙ ناهي ۽ گذريو نڪي،
ٿيو هميشه هاڻ، يعني وقت هي.

●

سئميوئيل ڪالرج

## ٣٩- عشق جا چاڪر

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

سڀ خيال ۽ سڀ خوشيون، سڀ خواهشون،
جسم انسانيءَ کي جي چورين ٿيون.
چاڪريءَ ۾ عشق جي سي سڀ رهن،
پاڪ شعلو عشق جو ٻرندو رکن.

●

## ٤٠- سچا خزانا ۽ سچا دوست

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

هميشه جڳ ۾ چڱن ماڻهن ۽ بزرگن کي،
سچا ۽ عمدا خزانا ۽ دوست آهن ڪي.



Scanned with CamScanner

خزانا: نُور اندر جو، چڱا خيال ۽ پيار،
۽ دوست: پاڻ ۽ خالق ۽ سوت، چاڻ اهي

●

## ٤١- عشق انڌو

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

عشق انڌو آهي چو، تنهن جا سبب آهن گهڻا،
سڀ ڪان عمدو آهي هي، دل ۾ سندس آهن اکيون
جاڻي انڪل ساڻ ٿو آو ظاهري صورت ۽ ڊؤل،
تو ڏسي دل سان چڱيون، سڀ سيرتون باطن سنديون

●

جيافري چاسر

## ٤٢- ڀهرين نيڪي

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

ڀهرين نيڪي، سڪين جي با دل و جان،
پنهنجي وس رک ۽ روڪ پنهنجي زبان.

●

ايڊمنڊ سپينسر

## ٤٣- رحم

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

رحم هئي ڪي نه جو ڏيکاري ٿو،
پاڻ ڪيئن آن جي آس ڌاري ٿوا

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ٤٤- دل جي طاقت

(فعولن فعولن فعولن فعول)

اهو آهي دل، جا ڪري نيڪ بد،
تونگر يا مفلس ۾ مقبول، رد.

●

رابرٽ برنس

## ٤٥- زماني جون خوشيون ٻي بقا

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

هي ڏسين جي خوشيون زماني جيون،
جن ته آهن سي پُست جون ڪُپڙيون.
جيڪڏهن تن کي لائين هٿ تون ڪٽي،
آن جي ڇاتيءَ مان داڻا پون ڪري.
يا ڇڄ برف، جا نديءَ ۾ ڪري،
هو ٺيي اڇي لحظو، پوءِ وڃي پگهري.

●

## ٤٦- حياتيءَ جو بوجو

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

حياتي آهي مثل موت مار بوجهي جي،
ڪٽيي ٽڪل هلي ڪڙهڙ مان، جو ڏکي رستي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جان ڪيٽس

## ١٤٧- سچ ۽ حُسن

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

سچ آهي حُسن، حُسن آهي سچ،
جڳ ۾ ڄاڻج اهوئي، ٻيو سڀ ڪَچ.

●

سئميوئيل ٻٽلر

## ١٤٨- شعر جو قافيو

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

قافيو شعر جو آهي سُڪانُ،
جنهن سان ٻيڙيءَ جانُ تہ هلي آسان.

●

ڊانيل ڊيفو

## ١٤٩- رحمان ۽ شيطان

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

جاءِ جت جوڙي حق، عبادت جي،
اُت تہ شيطان جوڙي، پنهنجي مڙهي.
۽ جي ڏسبو چتائي، تہ ٿي معلوم،
تہ جماعت بہ اُن جي آهي وڏي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جوناٿن سوئفٽ

## ٥٠- خوشامد

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل)

اصل ڪان قول آهي عالمن جو،
خوشامد قوت آهي جاهلن جو.
ڪڏهن ڪڏهن ڏسڻ ۾ ٿو اچي پڻ،
آها لقمو ٿئي ٿي عاقلن جو.

●

جان فليچر

## ٥١- اسان جا عمل

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

عمل اسان جا ملائڪ ٿئن ٿا يا شيطان،
جي پاڇي وانگي، اسان سان لڳا وتن هر آن.

●

ٽرانسز ڪئارلس

## ٥٢- دنيا جو گهر

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

ملي ڪرايي تي هي گهر، عمر يا سالن لاءِ،
ڏکن جو ڍڙو آو آئي، آپت هنجن جو آپاءُ.

●

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جان ويبسٽر

## ٥٣- دنيا جا ڪم

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

ڪم سڀئي نانوَ وارا دنيا جا،
ڪڏ ڪپيتن جانُ ٽا ڀريان چمڪن.
پر جي ويجهو انهن کي ڪو ڏسندو،
نڪا گرمي، نہ روشني ڪا اٿن.

•

جان ڀامفريٽ

## ٥٤- مصيبت جي چڱائي

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

خدا جي سمجھ تہ ڪاوڙ، جڏهن اچئي آفت،
گهٽو ٿو جن کي گهڙي، تن کي ٿو ڏئي سگهت.

•

مٿيو پرائيئر

## ٥٥- هميشه پيئندڙ ۽ بڪندڙ

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

جي هميشه پيئن، سي ڪين چکن،
جي هميشه بڪن، سي خيال نہ ڪن.

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

آئزڪ واٽس

## ٥٦- ڪوڙ

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

جو ڪري ڏوهه، پوءِ لڪائڻ لاءِ،
ڪوڙ ڳالهائي، سو ٻه ڏوهه ڪري.
جيڪو نڪمو ٿو هٿ جهلي ويهي،
سو خرابي ڪري، هميشه ڪري.

●

وليم ڪانگريو

## ٥٧- چڱائي جو اجر

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

چڱن ڪمن جو نتيجو سدا سرُور ماي،
انعام دير ملي ٿو، مگر ضرور ملي.

●

## ٥٨- گيسر نه ڪر

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

چڙ نه، ڏاهپ جو ڪم سياڻي تي،
متان توتي نه سچ سيان آڙري.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جان گي

## ٥٩- حياتي چرچو آهي

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن)

حياتي آهي چرچو، سڀ شيون ايءَ ڳالهه ثابت ڪن،
يقين آن جو ٿيم هاڻي، اڳي سمجهيو ٿي مون ممڪن.

●

جارج لنلٽن

## ٦٠- عشق ۽ اميد

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن)

طلب محبوب جي، اميد ڏارا آهي نا معلوم،
رکي اميد عاشق آت، جتي عاقل ٿئي محروم.

●

وليم ڪالنس

## ٦١- راڳ

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

اي راڳ! تون لهي ٿئين آسمان مان ظاهر،
خوشيءَ جو دوست، ۽ ڏاهپ جي تون سدا واهر.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جان مانٽگامري

## ٦٢- دنيا فاني

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

يار پويان وڃي ٿو، يار هليو،
ڪنهن وڃايو نہ آهي پنهنجو يار؟
نہ سجهي ٿو دلين جو وصل ڪٿي.

●

## ٦٣- دنيا ۽ عقبيٰ

نہ ڪري جت فراق تن کي ڏار،
ڪهڙي وٿندڙ نہ آهي هي دنيا!
گرچ سوت آهي ۽ گناهہ گهڻو،
جي خدا جوڙي آهي اهڙي هيءَ،
ڪيئن نہ وٿندڙ وڏيڪ هوئي عقبيٰ.

●

ٿامس هوڊ

## ٦٤- زر

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

چوان ”زر زر“ ذري ذري زر زرد،
چمڪندڙ، سخت آهي جا ۽ سرد،
لت هڻي جنهن کي ٿا جوان ٽڏين،
پڪ وجهن قبر تائين پوڙها مرد.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هينلي

## ٦٥- ماڙهو نصيب جو مالڪ

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

سر سئون يا ڏنگو سنڪي هوئي در،
يـا خطائون مزائون هـُـئـن هزار.
آهيان پنهنجي نصيب جـو مالڪ،
آهيان پنهنجي آءُ روح جـو مهندار.

●

جارج هربرٽ

## ٦٦- نماڻائي ۽ عالي همتي

(فعولن فعولن فعولن فعول)

هلت هيٺ رک، ۽ مراد ون مٿي،
ته ٿين تون نماڻو ۽ عالي مڪان.
نه دل لاهه، جو آپ جا تارا چـُـٽي،
سو وڻ ڪان مٿي ڏو چتائي نشان.

●

وليم ورڊس ورٿ

## ٦٧- جمڻ ۽ مرڻ جي حقيقت

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

جمڻ اسان جو سمهڻ آهي، ۽ وسارڻ پڻ،
جمي جو روح اسان سان، حيات جو تارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڄ سو آهي ٻئي هند ۽ اڳريو آهي پريان،
نڪي سو آهي اڱهاڙو، نڪي سو ويسارو.
اسين هٿاسون خدا ۾، اسان جو گهر آو آهه،
انهي جي نُور سان نڪتاسين، آيو جڏهن وارو.

●

سئميوئيل جانسن

## ٦٨- علم وارن جون تڪليفون

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

پڙ ته ڪهڙو علم وارن سان سدائين آهي ويل:
مفلسي، قرض ۽ ڪشالو، ريس، محتاجي ۽ جيل.
نت لڪائي پاڻان پنهنجو حال، چاڻي سان غم،
جيئن وڏي ٿئي ٿيي حياتي، تيئن وڌي رنج ۽ الم.

●

هه. و. فرانسز

## ٦٩- هڪڙي ئي دعا

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

هڪڙي ئي هڪڙي دعا، منهنجي جي رب پوري ڪري،
تا آهان جيڪر نه نالي مال دولت لاءِ هجي.
هيءَ هجي سا: تا ڪريان معلوم حق ناحق جو فرق،
ٿيان ثوابن ڏي آءٌ مائل، ٿيان گناهن ۾ نه غرق.
چاٺان آءٌ انصاف سچ ۽ دل جي همت آءٌ ڪريان،
نفس ماري نت ڪريان نيڪي، بديءَ کان آءٌ بچان.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وهئيئر

## ۷۰- اڄ ٻڄ پوکڻ جو وقت

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

ٻڄ پوکڻ جو وقت آهي هاڻ،
فصل جي وصل جي خدا کي خبر.
وقت لاباري جو وڃي ٿيو لڪل،
اُن تي سورهن نه پئي اسان جي نظر.

●

اڻنابار بالد

## ۷۱- حياتي

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

چاٽان آءٌ ڪين ٿو ته آهين ڇا،
پر ٿو چاٽان ته ٿيون سگهوئي جدا.
ناهي معلوم مون کي تا ڇاڪاڻ،
۽ ڪڏهن ڪٿ ۽ ڪيئن گڏياسين پاڻ.
ايترو آهي پر منکي معلوم،
ته جڏهن تون وڃين، ٿيان معدوم.
هوندا جت منهنجا پير هٿ ۽ سر،
سڀ آتي هرندا، خاڪ کان ڪمتر.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ج. گ. هالنڊ

## ٧٢- ٻهشت تائين وڃڻ جو رستو

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

ٻهشت تائين رسي ڪو نه ساڻ هڪڙي ٽپ،
پوي ٿي ناهٺي ڏاڪڻ مٿي چڙهڻ جي لاءِ.
جي پانئين فرش تان ڌرتيءَ جي، عرش تائين رسين،
ته ڏاڪو ڏاڪو ڪري چڙهه ۽ پير پير تي پاءِ.
اميد، شوق، ارادي سان ۽ عبادت سان،
وڃين آڏاسي هوا ۾، چڙهين پرن ڪان سواءِ.
اُتي رسين، نه جتان نفس، توکي موٽائي،
پلي مٿيءَ تي رکيا هون پير پنهنجي جاءِ.

●

ميرين ڊگلس

## ٧٣- شڪرگذاري

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

رزق ڇا ڪون مليو مون کي ٿورو؟
۽ ٻين کي مليو زيادهه ڇو؟
ماڪي ڪائي رهن ڀيا ٿا سکي،
آءُ ڪري پورهيو ڪانُ ٿو ماني رکي.
نا اميديءَ ۾ مون وڃائي ڇمار،
نه ٿيس آءُ خدا جو شڪرگذار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪ فقير آيو، پوءِ منهنجي در،
پنهنجي ماني ڏني مون تنهن کي سڌر.
گهرج منهنجي ستت وئي پلجي،
شاهي دولت ٿي چڻ وئي منهنجي.
ڏس محبت جي ٿوري ۾ برڪت،
’من سلويٰ‘ جي چڻ ملي نعمت.
گذري آس ۽ خوشي ۾ منهنجي چمار،
پوءِ ٿيس آءٌ خدا جو شڪرگذار.

●

ڊاڪٽر ري پامر

## ٤٧- انگي حساب

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل)

وڏي ٿو ’جوڙ‘ سان هردم جو چوڪر،
۽ گهٽجي کين ’ڪٽ‘ جي رستي ڪنهن پر.
جو هرهنڌ ’ضرب‘ سان وڌندو وڃي ٿو،
۽ پنهنجو وقت ورڇي ۽ ’ونڊي‘ ٿو.
جو ’آٽپوري‘ رقم ليکي نه ڪائي،
سڄو لاءِ ڏئي نه ڪڏهين پڻ ’ڏهائي‘.
چڙهي سو نيٺ، سڀ آن جو سري ڪاج،
ملي آن کي هميشه ’وياج تي وياج‘.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شلر

## ٧٥- ڏي سبق

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

ڏي سبق توکي ڏيان ٿو ياد رک،
لفظ ٽي آهن، لهن پر سي ٿا لک:
هڪ اُميد آهي ۽ ٻيو ايمان يار!
ٽيون محبت آهي، هي ٽيئي تون ڌار،
فڪر، غم، اميد سان ڪر تون نباهه،
رهه تون خوش، جو رات پويان ڏينهن آهه.
رهه رضا تي راضي تون، ايمان سان،
هٿ ڏئي جي ٿيا زمين ۽ آسمان.
۽ محبت سان سڀن کي ياد چاهه،
ڏي سخي سچ جان، پلو ڪر خلق سان.
رک ٽيئي هي دل تي، پوءِ لهندين ضرور،
ڏي مصيبت ۾ ۽ آونداهيءَ ۾ نُور.

●

سر ايڊورڊ ڪوڪ

## ٧٦- وقت جي ورچ

(فاعلاتن فعلاتن فعلات)

ڇهه ٻجا ننڊ ۾ رهه تون ڇهه ٻجا محنت ۾،
چار ڪر صرف عبادت ۾ ۽ ٻيا قدرت ۾.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سر وليم جونس

## ٧٧- وقت جي ورڇ

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

ست ڀڄا ڪر ننڊ تون ۽ ست ڀڄا پڙهه تون ڪتاب،
ڏهه رکج دنيا جي ڪم لاءِ، ۽ سڀئي حق جي حساب.

●

ايميلي ڊڪنس

## ٧٨- سڄايو ڪيئن رهجي

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل)

جي ڏک ڪان آءٌ ٻچايان جڳ ۾ ڪا دل،
جي ڪنهن جو آءٌ ڪريان آسان مشڪل.
جي ڪنهن جو مرض، قرض ۽ فرض لاهيان،
جي ڪنهن ڪي ساهه وانگي پنهنجي چاهيان.
جي آئيان راهه تي، ويو جيڪو ميرڪي،
جي چاڙهيان هٿ وٺي، پيو جيڪو ٿيرڪي.
جي ڪنهن بيڪس ٻڪئي جو آءٌ پريان ٿانءُ،
جي آکيري ۾ پهچايان ڪيريل ڪانءُ.
جي ڪنهن تي ڪٿ، ڪڏهن ڪو قياس آيو،
ته منهنجو هت رهڻ ڇئبو سڄايو.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بونار

## ٧٩- گھٽو ڪير ٿو جئي

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

گھٽو جيئي ٿو، آهو جو چڱو جيئي ۽ رهي،
حياتي آن ڪان سواءِ هڪڙو لحظو ڪين لهي.

گھٽو جيئي ٿو آهو جو ڪري ٿو خير گھڻو،
رسائي فيض، مدد ڏئي گھڻن ڪي هڪڙو چڱو.

گھٽو جيئي ٿو آهو، جو سچي رکي نيت،
جو ٻولي سچ ۽ چوي سچ، ڪري سچي، جو هلت.

گھٽو جيئي ٿو آهو، جو رکي هتي هر دم،
خدا جو ڊپ ۽ خدا ڏي مهر، خدا تي ڪرم.

●

## ٨٠- سچو گذران

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

سچو خيال ڪرين جي تہ تنهنجو سڀڪو خيال،
جهان ڪي ڏئي ڪاڏو ۽ آن جون گھرجون پلي.

سچي مقال ڪرين جي تہ تنهنجو سڀڪو لفظ،
مثال ٻج جي اڳي وڻ ٿئي ۽ ميوو جهلي.

سچو جئين، جي تہ تنهنجي حياتي، ڄاڻ يقين،
ٿئي مثال سڳورو ۽ جڳ انهي تي هلي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

واٽڪنس

## ٨١- گهٽو جيئڻ ۽ چڱو جيئڻ

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فاعلات)

جيئڻ گهٽي جو نہ، پر رک جيئڻ چڱي جو خيال،
جيون ٿا ڪيترو، اعمال سو ڏسين، نہ سال.

●

بيلي

## ٨٢- حياتيءَ جي مدعا

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

حياتي آهي وسيلو ۽ مدعا حق ٿيو،
مهڙ ۽ وچ ۽ پڇاڙي سڀن شين جي جو.

●

لانگ فيلو

## ٨٣- حياتيءَ جو راڳ

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل)

مَ چئُو سون ڪي، حياتي خواب آهي،
مَ پڇَل، دنيا عجب اسباب آهي.
نہ ٿيندو قبر ۾ آدم اوطاقي،
بدن فاني، مگر ٿيو روح باقي.
اسان جو هت نہ مک آهي، نہ ڏک ڪم،
ترقي ليڪ ۽ تعميل هردم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسان جو ڪم گهٽو ۽ عمر ٿوري،
اجل ڪاهيو اچي پيو زور زوري.
هي دنيا جنگ جو هڪ آهي ميدان،
تون وڙهه مردن جان تنهن ۾، ٿي نه حيران.
وساري ڇڏ تون مستقبل ۽ ماضي،
هميشه حال تي رهه يار راضي.
سڀاڻي جي خوشي ڇڏ، ڪالهه جو غم،
خدا کي ياد ڪر اڄ، همت سان ڪر ڪم.
ڇڏي جي ناموَر ويا پنهنجو نالو،
ڪريون تن جان اسين پڻ اڄ ڪشالو.
وٺون سونهن جڏهن رستو رباني،
ڇڏيون ڪا پاڻ پويَن لاءِ نشاني.
ته سن کو رهگذر آن ڏي نهاري،
لنگهي هن رڃ منجهان پهچي ڪناري.
اٿو يارو! ٻڌون تا دل جي همت،
ڪريون صبر ۽ صداقت سان محنت.

●

## ٨٤- دنيا جون لهرون ڪيئن لنگهجن؟

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

لڏي لمي جي هڪ ٿي هنڌ اسان جا روح بيهن،
هميشه ’قطب نما‘ وانگي پنهنجي خاني ۾.
سدا سنوان ۽ سچا پنهنجي فرض تي جي رهن،
جهاز وانگي لنگهن لهرون هن زماني ۾.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ٨٥- مٿي ڪيئن چڙهجي؟

(مفاعلين مفاعلين مفاعيل)

نہ آهن پَرَ اُڏامڻ لاءِ اسان کي،
هلڻ جهي ۽ چڙهڻ جهي لاءِ اٿون پير،
چڙهي درجي بدرجي نيٺ پهچون
ٻہ پنهنجي وقت جي چوٽيءَ تي ڪنهن ڏير.

●

## ٨٦- دل ۽ دماغ

(مفعول مفاعلن مفاعيل)

جت آهي گهٽي مٿانهين منزل،
پهچي نہ آتي دماغ پر دل.

●

## ٨٧- موت آهي ڪونہ

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

سچ چوان توکي، موت آهي ڪونہ،
موت جو سڏجي، سو گذر آهي.
آخرت شهر، دنيا ٻهراڙي،
موت، اوڏي وڃڻ جو در آهي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نارمن مٺڪلياڻ

# ٨٨- رک خدا تي ڀروسو، ڪر ڪم ڀلو

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

١- ڌار همت، ڪين ڪا ٿاٻو ادا!
واٽ تي آوندھ جو مر هوئي ولولو.
هي ستارو ٿئي ڀُلين جو رهنما،
رک خدا تي ڀروسو، ڪر ڪم ڀلو.

٢- رستو هوئي مر مشڪل ۽ ڊپ سان ڀريل،
دور هوئي يا هوئي منجهس ور ۽ ولو.
هل هنئين سان تون، سَگهو هوئين يا ٿڪل،
رک خدا تي ڀروسو، ڪر ڪم ڀلو.

٣- ڏَس ڏيئين سوڌو، جو توکي نيٺ ڏئي،
دل جي راحت ۽ اندر جو ڀرجهلو.
سوجهرو جي ڀانئين رستي تي ٿئي،
رک خدا تي ڀروسو، ڪر ڪم ڀلو.

٤- ڪي ڌڪاريندئي ۽ ڪي ڏيندئي پيار،
ڪي تہ چَٽ ڀڏندئي ۽ ڪي هٿندئي ڪَلو.
ڏِس نہ ماٺهوءَ ڏي، ڌڻيءَ ڏي تون نهار،
رک خدا تي ڀروسو، ڪر ڪم ڀلو.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جيمس شرلي

# ٨٩- دنيا بي بقا

(فعولن فعولن فعولن فعول)

امان جو اصل نسل ۽ ملڪ جاهه،
آهي محض پاڇولو، ناهي ڪو جسم.
زرهه ڪانه تقدير کان ڏئي پناهه،
وڃي شاهه ساري، اجل جو طلسم.
ٿئي تاج تخت،
پيجي لخت لخت،
۽ پٽ تي ڪري، ٿي وڃي ترت چٽ،
ٿئي نيٺ ڏاٽي ۽ ڪوڏر سان مٽ.

هنري ايليٽ

# ٩٠- صحيح سالم رهڻ جو علاج

(مفاعلن فع مفاعلن فع)

١- جي جنگ ۾ آهين ويو تون هنجي،
ڪيلي نٿائي چڏ.
ويٺي جي حق تان ٻه پير پنجي،
ڪيلي نٿائي چڏ.
نه 'ڪين' تي ڪر تون دانهون ڪوڪون،
نه پوپٽن کي تون هڻ بندوقون،
ڪيلي نٿائي چڏ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

٢- ڏکيو جي ٿئي ڪم تنهنجو سوکو،
جي جان کي تنهنجي پهچي جوکو،
کيلي ننڍڙي چڏ.
جي ڀانئين هئين تون صحيح ۽ سالم،
سدا کيلي خوش ٿي رهه تون بالم،
کيلي ننڍڙي چڏ.

●

## متفرقه شعر

## ٩١- انسان جي حياتيءَ جو مثال

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

پنجي جڏهن نقشو، خدا جي خلقت ۽ قدرت سندو،
ڏسجي ماڻهوءَ جي حياتي، هڪڙو ننڍڙو ٻيٽ ٿو.
بحر نا معلوم ابدي، ڏسجي چوڌس بيڪنار،
آن جي وچ ۾ آهي، جا ماڻهوءَ جي سڏجي ٿي چمار.
خلق هن ڪنڌيءَ سان گڏوڏ، ڦاٽ ڏر هڪ هڪ ڪري،
چهڪندڙ پهٽيون ۽ ڪوڏيون شوق سان ميڙين سي.
پوءِ پريون تن جون پڏي، سمجهن ٿا دولت آهي هي،
سي ڪان دولتمند سو، جنهن جي پري آهي ڀري.
آن وندر ۾ تن کي پوءِ، لهرون وڪوڙن موت مار،
هرگهڙيءَ گهلي ڀهاري نين ماڻهو بيشمار.
سي ڪري دانهون پڏن، جيڻرا رُئن آت ۽ رڙن،
پوءِ ٿين مشغول موٽي، ساڳئي ڪم ۾ ۽ پڏن.

ڪي منجهن ٿورا ڪري پاسو، ڪٽن آپ ڏي اکيون،
۽ گهرن خاوند کان دولت سچي، آٺين شيون.
فضل، ڏاهپ، سچ ۽ صلح آرام، سڀ تن کي ملي،
مهر سڀني تي لڳل آن جي، پرستش جنهن جي ڪن.
پيا ڏکارن تن کي، ليڪن هو ويهن گوشو وٺي،
وات راضي ٿي وٺن، سي صبر ۽ اميد جي.
بيکس ۽ مسڪين ٿي، آخر وڃن چڪجي آتان،
غم کان ٿي آزاد، ڪن فردوس ۾ منزل مڪان.

●

## ٩٢- اڄ ۽ سڀاڻي

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

اڄ رهي ماڻهو منجهه خوشي ۽ سک،
۽ سڀاڻي ڏسي ڏجها ۽ ڏک.
اڄ رٽون ٿو رٽي هو ورهن لاءِ،
۽ سڀاڻي ڪري قبر ۾ جاءِ.
اڄ ٿو ڪائي پٽي، ڪري آو راڄ،
۽ سڀاڻي ٿئي ڪينئن جو ڪاڄ.
اڄ ڪري ويس ٿو سينگاري تن،
۽ سڀاڻي ٿئي ڪفن ۾ دفن.
اڄ بنائي ٿو باغ ۽ بستان،
۽ سڀاڻي وسائي قبرستان.
اڄ هٿي اصل ۽ نسل جي آو بٽاڪ،
۽ سڀاڻي پوي وڃي منجهه خاڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڄ سنڌ سونهن مان اڇي فرحت،
۽ سياڻي سنڌ ڏئي ڪرهت.
اڄ رکي ٿو بهشت جي اُو آس،
۽ سياڻي ڪريس دوزخ ناس.
اڄ جڳ منجهه جهان، ڪوڏ ڪري،
۽ سياڻي ٿيي نا اميد مري.

●

## ٩٣- چڱو، بهتر ۽ بهترين ڪم

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

ڪري چڱو ٿو آهو، جو ڪري چڱائي ٿو،
انهن سان، جي ٿا چوائن سنڌس عزيز قريب.
ڪري انهيءَ کان بهتر آهو، ڪري جو ٿو،
ڀلائي تن سان، جي ڌاريان هجن ضعيف غريب.
ڪري سڀن کان چڱو ٿو آهو، جو دشمن کي،
مدد ڏئي ٿو آثاري، جن آهي آن جو حبيب.

●

## ٩٤- ننڍڙيون شيون

(مفتعلن فعلات فعولن)

١- ننڍڙا پَل ڏينهن رات بنائن،
ننڍڙا خيال ڪتاب،
ننڍڙا ٻج درخت اُپائن،
ننڍڙا ڦڙا سيلاب.


Scanned with CamScanner

نَنڍڙا ڪم، سان پيار ايمان،
نيو گڏين زمين آسمان.

٢- ننڍڙيون چڱون ٻاهيون ٿاهن،
ننڍڙيون ذريون پهن،
ننڍڙيون ٻوليون راڳ ڏيون ٿاهن،
ننڍڙيون چيليون ڏڻ،
ننڍڙا ڪم، سان پيار ايمان،
نيو گڏين زمين آسمان.

٣- ننڍڙا سپما ننڍيون وهائن،
جي ڏيون ملڪ مٺين،
ننڍڙيون ريتيون ڏڙا بنائن،
جن کي سمنڊ سٺين،
ننڍڙا ڪم، سان پيار ايمان،
نيو گڏين زمين آسمان.

٤- ننڍڙيون سيخون سخت ٻڌن ٿيون،
ٻڌا پٽليون، گهر،
ننڍڙيون چرخيون قابو ڪن ٿيون،
ڪن جي ڪلون ڦهر،
ننڍڙا ڪم، سان پيار ايمان،
نيو گڏين زمين آسمان.

٥- ننڍڙا چچڪا ٻيلا ٿاهن،
گهاٽا جت گهمسان،
ننڍڙا گل ڦل پڻ ٿا ٿاهن،
باغ عجب بستان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نِنڍڙا ڪم، سان پيار ايمان،
نيو گڏين زمين آسمان.

٦- ننڍڙا جيت سمنڊ ۾ ٿا هن،
پيٽ، ٿڪر، مرجان،
ننڍڙيون ڏس اڏوهيون ڏاهن،
بنگلا ڪوٽ ڪلان،
ننڍڙا ڪم، سان پيار ايمان،
نيو گڏين زمين آسمان.

٧- ننڍڙو ڏس سڪان هلائي،
ڪهڙو جنگ جهاز،
ننڍڙو ڪنڊو سک ڦٽائي،
ڪهڙو بي انداز،
ننڍڙا ڪم، سان پيار ايمان،
نيو گڏين زمين آسمان.

٨- ننڍڙو تحفو دوست سچي جو،
نت تو جيءَ جياري،
ننڍڙو لفظ منهان نڪري جو،
ٿاري يا تو پاري،
ننڍڙا ڪم، سان پيار ايمان،
نيو گڏين زمين آسمان.

## ٩٥- ڪوڏر ڪٿ تون ڪوڏر يار!

١- ڪوڏر جي تون پڌ گفتار،
ڪوڏر آهي عجب اوزار،


Scanned with CamScanner

کوڏر مڙس جو اوزار،
کوڏر ٿئي جڳ جو سينگار،
کوڏر سان ڪُل جو ڪم ڪار،
کوڏر ڪر تون کوڏر يار!

٢- جنهن کي سکھ بدن ۾ آهي،
ويهي مور نہ سو هڏ ساهي،
کوڏر جو سو پورهيو چاهي،
آهي سچ چيو ڪنهن ڏاهي،
گهرجئي بخت تہ کوڏر ڏار،
کوڏر ڪر تون کوڏر يار!

٣- پورهيي ڏانهن جو رڪندو لاڙو،
سک جو ڏسندو نيٺ ڏهاڙو،
اُن مان خوش ٿئي اوڙو پاڙو،
کوڏر پيڻ، تہ پاءِ کهاڙو،
پنهي سان تون رک وهنوار،
کوڏر ڪر تون کوڏر يار!

٤- آهي زمين تہ بئنڪ خدائي،
منجهس ڏراوت رک تون ڪمائي،
نفعو انهيءَ مان ٿيندئي جائي،
مور نہ ويندئي پيسو پائي،
رک نہ کوڏر کون ڪو عار،
کوڏر ڪر تون کوڏر يار!

٥- کوڏر سان ٿي ٿئي آبادي،
هوئي زمين پلي يا سادي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پوک پچائي تو جڏهن هادي،
ملڪ ۾ ٿئي ٿي هرهنڌ شادي،
جت ڪٿ ڏسجي سک سڪار،
ڪوڏر ڪڻ تون ڪوڏر يار!
۶- ڪوڏر ڏس ٿي ڊاهه وهائي،
پاڻي هرهنڌ ٿي پهچائي،
گارا ناهي، گهر اڏائي،
باغ باغيچا لکين لڳائي،
لائي بر پٽ ۾ گلزار،
ڪوڏر ڪڻ تون ڪوڏر يار!
۷- ڪوڏر جادوگر به چوائي،
مٽيءَ مان ٿي سون بنائي،
ملڪ جي دولت سڀ وڌائي،
ڪپڙو ميوو آن آپائي،
وڌندو واه ڪري واپار،
ڪوڏر ڪڻ تون ڪوڏر يار!
۸- ڪوڏر جو تون ڏس سڌارو،
ملڪ جتي هو جهنگل سارو،
وڍڻ ٽڪڻ سان ٿيو موچارو،
پوک ڪرڻ جو آيو وارو،
هرجا هلندڙ ٿيو هرقار،
ڪوڏر ڪڻ تون ڪوڏر يار!
۹- دوست ڏسين تو دنيا سازي،
ڪانئج ڪين انهيءَ جي بازي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٿي هوشيار همت ڪر تازي،
عرض ”قليچ“ ڪري ٿو آزي،
سچ نصيحت تون نروار،
ڪوڙ ڪر تون ڪوڙ يار!

●

## ۹۶- سهڻيون شيون

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

سهڻا منهن آهن آهي، ڪارا هجن جي يا اڇا،
پر ٿين معلوم دل جا، پُور تن مان سڀ سچا.
سهڻيون سي آهن اکيون، جن جي اندر سهڻا خيال،
چمڪندا ڏسجن ائين، شيشن مان جئن ڏسجن مشال.
سهڻا چپ آهن آهي، جي هر گهڙيءَ ڪن ڪم ڪار،
شوق مان نت ٿا رهن، محنت ڪشالي لاءِ تيار.
سهڻا آهن پير سي، جي خير جي ڪم تي هلن،
۽ غريبن لاءِ قدم، رب جي خوشيءَ خاطر کڻن.
سهڻا سي آهن ڪلها، جي نت رهن ٿا بردبار،
۽ ڏهائي بندگي ٿا ڪن، رهي خوش خاڪسار.
سهڻيون سي آهن حياتيون، جن مان نهرون ٿيون وهن،
سک جون باطن ۾ سدا، چشما نہ جن جا ڪي ڇسن.
سهڻي سا آهي شفق، جا سج لٿي جو هوئي نماءُ،
سهڻي منزل سا، جتي پهچي ڇڪي ڪو سک جو ساءُ.
سهڻي آهي سا قبر، جا چانوَ ۽ ساوڪ ۾ هوءُ،
جت ڪري پور هيو اول، سک سان سمهي ڪو مرد پوءِ.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ٩٧- منهنجي پياري امان

(فعولن فعولن فعولن فعولن)

١- ڪئي مون تي تو نت نظرداوي آمان،
تنهنجو لطف مون تي سدا جاري آمان،
ڄان تنهنجا ٿورا عمر ساري آمان،
ٿيان توتان قربان سؤ واري آمان،
منهنجي پياري آمان! منهنجي پياري آمان!

٢- منکي کير تو پيار مان ٿي پياريو،
ڏئي لاڏ مان لولي مون کي سمهاريو،
وجهي مون کي ٻاڪر تو هنج ۾ وهاريو،
منکي سک ڏئي پاڻ ڏک ۾ گذاريو،
منهنجي پياري آمان! منهنجي پياري آمان!

٣- ڪڏهن مون کي ڪڇ تي کڻي تو گهمايو،
ڪڏهن ڏئي چميون چاهه سان سيني لايو،
ڪڏهن قرب مان پڻ هٿن تي ڪڏايو،
ٻڌائي مٺيون ٻوليون مون کي کلايو،
منهنجي پياري آمان! منهنجي پياري آمان!

٤- جي ٿي مون کي بيماري ۽ بيقراري،
ته ڪٿئي ۾ تو رات ساري گذاري،
دوائون دعائون ڪيئي بيشماري،
ڏٺيءِ در گهٽي ڪئي تو مون لاءِ زاري،
منهنجي پياري آمان! منهنجي پياري آمان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

٥- منکي تو هدايت سان هردم هلايو،
منکي تو تہ رستو خدا جو بتايو،
منکي تو گناهن کان بيشڪ بچايو،
منکي تو آهي آدمي پڻ بنايو،
منهنجي پياري آمان! منهنجي پياري آمان!

## ٩٨- ڪوشش ڪرڻ

(مفاعلن فع مفاعلن فع مفاعلن فع مفاعلن فع)

١- هميشه سگهندين تون دوست مرڪي،
ڪندين جي ڪوشش، ڪندين جي ڪوشش.
پياريندي جڳ کي سک جي سُرڪي،
ڪندين جي ڪوشش، ڪندين جي ڪوشش.
تون ڏک ڏکارن جا وجهندين لاهي،
دليون ڪندين خوش گهڻن جون ٺاهي،
گمان ۾ ڊپ تون ڪڍندين ڪاهي،
ڪندين جي ڪوشش، ڪندين جي ڪوشش.

٢- خوشيءَ جا سگهندين تون گيت ڳائي،
ڪندين جي ڪوشش، ڪندين جي ڪوشش.
تون دوست کي سگهندين همٿائي،
ڪندين جي ڪوشش، ڪندين جي ڪوشش.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طلسمي ٻج نت چنبي تون وجهندين،
ٻين جون گهرجون پلي تون سگهندين.
ڪري نندڙا ڪم سدا تون جيندين،
ڪندين جي ڪوشش، ڪندين جي ڪوشش.

●

## ٩٩- ٻئي ڪي ڏي

جي تون لهين وڏي دولت، ٻئي ڪي ڏي.
۽ جي لهين سچي راحت، ٻئي ڪي ڏي.
پاڻ ڏڏي آهي ڏاتار،
سچي حياتي آهي پيار،
ڏئي چڏڻ ٿيو رکڻ دوبار،
ڪرڻ گهرين جي ٻن کي چار، ٻئي ڪي ڏي.

●

## ١٠٠- اُٻهر ۽ ڳڻتي نہ ڪر

دنيا آهي دوست ڪشادي،
اصل ڪان آهي وقت جي وادي،
خاوند آهي سڀ جو هادي،
ڪر آٻهر نہ تڏهن.
ماڻهو آهي آهو بختاور،
ڪم ڪري جو طاقت آهر،
باقي رهيل ڇڏي ڏي آخر،
ڳڻتي ڪر نہ تڏهن.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ١٠١- ڏاهپ جو ڏس

جي تون پائئين خطا نہ کائين،
پنجن شين جي رک سنڀال:
ڳالھ کرين جان، ڪنھن جي ڪنھن سان،
ڪھڙي ھنڌ ۽ وقت ۽ حال.

●

## ١٠٢- چڱو ارادو

(سنڌي بيت)

آھيان آءُ ھڪڙو چٽو، پر ڪو تہ آھيان پڻ،
سيکجھ ڪين ڪري سگھان، پر ڪري سگھان ٿو ڪي.
جيڪي آءُ ڪري سگھان، سو ڪرڻ ٿيو واجب،
واجب جو ٿيو سو ڪندس، جي واھر ڪندو رب.

●

## ١٠٣- زبان

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

پڌو، اوھان کي پڌايان تہ چا ڪري ٿي زبان،
ڪيا علحدا ڏاھن، انھيءَ جا ڪھڙا بيان.
”زبان، جا نستي، نرم ۽ نڏي آھي،
ڪٺھي رکي“ چوي يوناني ”۽ وجھي ڏاھي“.
چوي ترڪ تہ ”ماري زبان ماڻھو ھزار،
ڪڏھن نہ ماري، ڪري ناس ايترا ڪا ترار“.


Scanned with CamScanner

"ڏکي زبان جنهن جي" چوي ٿو ايراني،
"سو موت جلد ڏسي، جلد سو ٿئي فاني".

پهاڪو پارسي پڻ آهي هي ته "اي انسان
سنڀال! تا نه سسي تنهنجي ڪاٽي تنهنجي زبان".

عرب چوي ٿو "دل آهي زبان جو مخزن"،
"چٽن سنان جا ڦٽ، پر زبان جا نه چٽن".

چوي ٿو چيني ته "نڪري ٿو لفظ هڪ جي مان،
مگر سو شرط ۾ ڊوڙي تڪو ٿو گهوڙي کان".

قديم وقت جي عبراني آهي چيو ڪنهن وير،
"زبان تيرڪي نه شل ڪنهن جي، مر ته تيرڪن پير"!

چڱو مون ڪان مقدس ڪتاب آهي چيو،
"زبان قابو ڪئي تو، ته ساهه قابو ڪيو".

●

## ۱۰۴- سوال، جي ڏهاڙي ماڻهو کي پاڻ کان پڇڻ گهرجن

(فعولن فعولن فعولن فعول)

ڪيم بندگي يا نه، اڄ ڏينهن ڪا،
خدا کان گهريم ڪا مدد جي دعا؟

پڙهيم ڪجهه منجهان ڪنهن مقدس ڪتاب،
ته آن تي هلي آءٌ ڪمايان ڪو ثواب؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيم سچ لڪائڻ جو ڪي ڪوششون،
يا ڪنهن ڪم لاءِ ڪوڙ ڳالهايو مون؟
لڳايم چڱو وقت پنهنجو ۽ خيال،
هو جيئن فرض ۽ عمر درجي جو حال؟
ڪي پنهنجي طبيعت سنڀاليم ذرو،
ڪي ماريم پنهنجو نفس هٺ ۽ غصو؟
ڇپن ڪي ڏکي روڪيم گهٽي بڪ ڪان،
ته رنجايان ناحق ٻين کي متان؟
سٺم صبر سان يا نه، سڀ اهنج سور،
زماني سڀ تي اچن جي ضرور؟
ڪيو يا نه، شڪرانو تن لاءِ مون،
جي اڄ مون سان خاوند ڀلايون ڪيون؟
جڏهن ڏينهن گذريو، وري آئي رات،
تڏهن ڪا ڏٺيءَ جي طلب ڪيم تات؟

## ١٠٥- وقت يا حياتي ڇا آهي

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

وقت يعني حياتي ڇا آهي،
ڏيکهه ۾ هڪ گرانٽ پئي نه آهي.
آهي ٿو هڪڙي ڪوڙي آڪاٽي،
يا ته وهندڙ سڏينس تون پاٽي.

آهي آءُ پيڙي، سرهه جنهين جا سنوان،
يا ڇنو تير ڇڻ ڪمان منجهان.

آهي آءُ باز جو وٺي ڏو شڪار،
يا آهي واءُ جو ڪري ٿو گذار.

سمجهه تنهن کي ڪوَڙ جو تون چمڪو،
اندلت جي رنگن جو يا ڇنڪو.

ترورو چاڻ سچ جو تون آن ڪي،
يا ڪو گل، جو گهڙي پهر ٿو ڪـُلي.

آهي پاڇولو آءُ، يا آهي خواب،
هڪڙو دم ساهه جو، يا آهي حباب.

آهي مطلب حياتي هيءَ فاني،
رهه مرڻ لاءِ تيار تون جاني!

●

## ١٠٦- سمهڻ جي جاءِ ۾ رکڻ جا بيت

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

دوست آئين پلي، هي تنهنجي جاءِ،
پيو وڇيو آهي بسترو تولاءِ.

اڇي آرام سان سمهي تون رهه،
پيو نه دل ۾ پچاءِ تون ڪو پهه.

ڪالهه جي لاءِ فڪرمند نه ٿي،
نه سڀاڻي جي ڪا ڪجئين ڳڻتي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

فڪر ۽ غم جا خواب تون اھج،
سڀ آسيد آسرو خدا ۾ رکج.
جو نگھبان تنھنجو نت آھي،
فضل پنھنجو نہ تو مٿان لاھي.
چنڊ آجھائي ڏيا ٻرڻ وارا،
توتي چؤڪي ڏين ٿا سڀ تارا.
پاڻ کي توڙي ساري جڳ کي وسار،
جيسين جاڳين پيو خدا کي سنڀار.
ياد پڙھ، جي اچئي خدا جو ڪلام،
رھ، سمھين دوست، ھاڻ توتي سلام.
شال رب تنھنجو ھوئي سدا حافظ!
خوش سمھين، خوش اٿين، خدا حافظ!

## ١٠٧- حڪيم فيثاغورث يونانيءَ جو سونھري قاعدو، جنھن کي ٢٤٠٠ ورھيہ ٿيا

(فعولن فعولن فعولن فعول)

وڃي تون سمھين رات جو پنھنجي گھر،
انھيءَ کان اڳي ٽي دفعا ياد ڪر:
تہ ڪھڙا ڪيا ڪم سچو ڏينھن مون؟
رٿون ڪھڙيون مون پنھنجي دل ۾ رٿيون؟
وٺي وات ڪھڙي ڪٿي آءٌ ويس؟
ويس آءٌ جت ڪٿ آتي ڇا سکيس؟


Scanned with CamScanner

ٻڌو جيڪي مون سڀ ۽ جيڪي ڏٺو،
سڀڪي تنهن مان ڇا واڌو حاصل ٿيو؟

ڪيم ڇا، جو مون کي هو گهربو ڇڏڻ؟
ڇڏيم ڇا، جو مون کي هو گهربو ڪرڻ؟

ٿيا فرض ڪهڙا نه مون کان ادا!
نوان ڏوهه ڪهڙا هٿان مون ٿيا؟

سڻيئين وات ايءَ آهي جيڪو سچي،
جا نيڪيءَ ڏي ۽ جا خدا ڏي وڃي.

●

## ١٠٨- منهنجو اڄوڪو ڪم ڪار

(فعولن فعولن فعولن فعول)

کٽڻ هئي جا اهنج ۽ سهڻ هئي جا سور،
ڏيڻ هئي جي دل کي خوشي ۽ سرور.

ٻڌڻ درد هئي جو، ڏيڻ هئي کي ڏيء،
ڪرڻ معاف هئي کي ڪڏي وير وڏ.

چڱن ۽ پڙهين ساڻ صحبت ڪرڻ،
ننڍن ۽ ڪرين کي نصيحت ڪرڻ.

ڪرڻ هئي کي واهر، لهڻ هئي جي سار،
اڄهو آهي ايءُ منهنجو اڄ ڪم ڪار.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ۱۰۹- هڪڙو ڪم، هڪ وقت

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

هڪڙو ڪم، هڪ وقت، ۽ پورو ڪيل،
تيو مثل ۾ آهي ڏاهن جو عمل.

هڪ قدم، هڪ وقت، جو محڪم رکي،
سو وڃي چوٽيءَ مٿانهينءَ کي رسي.

هڪ لپو، هڪ وقت، وجهندو تنهنجي هنج،
ڪوٺي آهستو ڪري ڊرتيءَ مان گنج.

هڪڙو ٻج، هڪ وقت، پوکيو آهي جن،
باغ ۽ ٻيلا ڏٺا آهن انهن.

هڪ ڦڙو، هڪ وقت، ٿئي ٿو نيٺ نهر،
بحر ۾ پئي، جا ڪري آباد شهر.

هڪ اکر، هڪ وقت، جي لکجي شتاب،
ٿئي لکڻ توڙي پڙهڻ جي لاءِ ڪتاب.

هڪ پهڻ، هڪ وقت جي هوندو رکيل،
ٿئي جڙي آت نيٺ قلعو يا محل.

هڪڙو ڏک، هڪ وقت پيلا ٿو وڌي،
۽ انهيءَ هند شهر بازاريون ڪڍي.

هڪ ذرو، هڪ وقت علم ۽ عقل جو،
گڏ ٿيي ماڻهوءَ کي ڪري عالم و.


Scanned with CamScanner

## ١١٠- موت ڇا آهي

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

موت ڪان ڇو رڙين ۽ روئين ٿو؟
موت تپ آهي، جو لهي ويو آهه.
يا ٽڙيل خوف، درد دفع ٿيل،
يا ڪو مطلب جو پورو ٿيڻ ٿيو آهه.
موت آرام آهي ۽ فرحت،
چنڊ دريا تي ڄڻ اُڀريو آهه.
ورهه ٿورا لنگهيا ته ڏسنداسين،
جو ستل دوست قبر ۾ پيو آهه.
ٿورا وڌ سور لڙڪ ۽ ارمان،
پوءِ رئڻ تو مٿي، ڪيڻ ڪيو آهه.

●

## ١١١- جتي ٻه آهين

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

جنگ دنيا جي ۾ بيٺو آهين جت،
جاءِ جوڳي تنهنجي جاني آهي تت.
جت تون ڇاڻين دل ۾، ناهي تنهنجي جاءِ،
اُت ٻه تون هرگز نه پنهنجو منهن لڪاءِ.
ڇاڻ حق تنهنجي لئي آهي حڪم ڪيو،
ڪنهن ٻه ڪنهن ڪم لاءِ اِت آهي رکيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جڏهن ڪنهين کي لئي ڏٺي توکي ڏٺي،
تڏهن سچائيءَ سان تون ڪر محنت گهڻي.
ويڙهه ۾ وڙهه يا ٿي پهري ۾ پڪو،
بيهه قائم ٿي اٿي رهه تون سچو.
ڪم ڏنو تنهنجي ڏٺيءَ ۽ تنهنجي شاهه،
ڪر اهو، تون ساڻ دل ۽ ساڻ چاهه.

●

## ١١٢- اسان جي حياتي

(مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل)

حياتي آهي هڪڙو پاڪ بوجو،
ڏيڻ ڏک کان سهڻ بهتر تڏهن ٿيو.
ڏس ان کي ۽ ڪڻ ان کي خوف لاهي،
اٿي بيهه ۽ ڪٽي هل ان کي ڪاهي.
گناهه ۽ غم کان ڊپ وارو متان ٿين،
هليو هل جيسين تون مقصد کي پهچين.
نه سستي ڪر نه ٿي عشرت ۾ گمراهه،
خدا شل تنهنجو ٿئي حامي ۽ همراهه!

●

## ١١٣- ننڍڙيون شيون

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

جيئن ڪڪر ننڍڙو، اٺي ننڍڙو مينهن،
شمع ننڍڙي، ڪري ٿي رات مان ڏينهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

تيئن خوشي ننڍڙي، لاهي ڏک ۽ سور،
۽ ڪري لفظ ننڍڙو، درد ڪي دور.
مرڪ ننڍڙي، ٿي دل جي ڪس لاهي،
ٽيڪ ننڍڙي، ٿي بار ڪي ٿاهي.
ڪم ننڍڙو، ڪجي جو ترت نسنگ،
وات اي آهي، جنهن سان ڪَتجي جنگ.

●

## ١١٤- گلا غيبت نہ ڪر

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

ڪر گلا ڪئي جي نہ تون، ڪڍ عيب نا تون ڪئي منجهان،
ڪر مروت ڪئي سان تيئن، جيئن هوند ڪرين تون پاڻ سان.
جي ڏسين ڪو عيب پهرين، ڪر نہ پهرين فاش تون،
عمر آهي ٿورڙي ۽ بي بقا آهي جهان.
تڏهن رهون ٿي ڏينهن جي هت، سي رکون ماڻهن کي خوش،
سڀ کي سارا هيون، ڪلي ڳالهايون سڀ سان هر زمان.

●

## ١١٥- ڏک جو فائدو

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

جي هجي ها ڪو نہ ڪو غمگين ۽ بيمار هت،
ڪهڙي خدمت چاڪري جيڪر اسان ڪان ٿئي ها نت.
جيڪڏهن هرڪو اسان مان خوش ۽ خورم هوئي سدا،
رحم ۽ نرمي اسان جي دل ۾ ٿئي ها ڪانہ ڪا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گهرج خدمت جي رکن ها ڪين اسان جا سڀ عزيز،
ڪانہ دنيا ۾ ڏٺي ها ڪنهن ڪي راحت ڪا بہ چيز.

جي نہ ڏک دل ۾ ٿئي، پوري ٿئي ها سڀ مراد،
صبر ۽ اميد گم ٿئي ها، جئي ها ڪو نہ شاد.

●

## ١١٦- رات جي دعا

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

يا الاهي عرض ٻڌ رحمت ڪري،
جو ڪريان هنڌ تي سمهڻ ڪان اڳي.
يا الاهي منهنجي ماءُ پيءُ کي بچاءِ،
خيرخوبي سان گهڻو تن کي هلاءِ.
يا الاهي! فضل سان تون پنهنجي ڏي،
صبر شڪر ۽ رحم واري دل مڻکي.
تا ڪري ننڊ آخرين جڏهن اٿان،
تڏهن آبد جو ڏينهن آءُ تنهنجو ڏسان.

●

## ١١٧- حياتي ڇا آهي

(مفاعلين مفاعلين مفاعيل)

حياتي آهي هڪڙو ڪم، ڪر جهٽ،
حياتي آهي هڪڙي جنگ، تون ڪٽ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حياتي پاڪ شيءِ پئي آهي تون سانڍج،
حياتي حڪم آهي، تون هلائج.
حياتي نيو سبق حق جو، سکج تون،
۽ موت آرام آهي، سو وٺج تون.

●

## ١١٨- دعا جو اثر

(مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن)

چاڙهن نٿو ته ڪهڙا ٿو رستا وٺي خدا،
چاڙهن ٿو ايترو ته خدا ٿو ٻڌي دعا!
چاڙهن نٿو ڪڏهن ٿو خدا حڪم موڪلي،
جو ٿو دعا قبول پوڻ جو يقين ڏئي.
چاڙهن ٿو ايترو ته اچي دير يا سوير،
واجب گهرڻ دعا ۽ ڪرڻ صبر ۾ نه ڦير.
چاڙهن نٿو اگهامي دعا جيئن گهران ٿو آءٌ،
هو پاڻ چاڙهي، عقل سندس تي ڇڏيان ٿو آءٌ.

●

## ١١٩- ٻار ٽيڻ چا آهي

(مفاعلين مفاعلين مفاعيل)

ٻڌايان توکي چا آهي ٽيڻ ٻار،
سگهين، جي سمجهه تون معصوم جي ڏار.


Scanned with CamScanner

ڏسڻ واريءَ جي هڪ داڻي ۾ دنيا،
پروڙڻ جهنگ جي هڪ گل ۾ عقبيٰ.
جهاڻ مُٺ ۾ مڪان لامڪاني،
جيڻ لحظي ۾ عمر جاوداني.

●

## ١٢٠- خدا ڏي وڃڻ جا رستا

(مفاعلين مفاعلين مفاعيل)

سڀئي رستا چڱا، جي ويا طرف رب،
هجن ڀل ڪيترا کڙا ٻه مذهب.
سڀئي گڏجن خدائي شهر ۾ ٿا،
ملي هڪ ٿي پون سڀني جا مطلب.

●

## ١٢١- سُرڪڻ

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

آهي سُرڪڻ ۾ هڪ عجب جادو،
شڪ ۽ شبها وڃن ٿا نت گم ٿي.
جيئن اونهاري جي سج جي گرميءَ کان،
برف ڏاڍي وڃي ٿي جهٽ پگهري.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ١٢٢- فڪر نہ ڪر

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

هر مصيبت جي لاءِ دنيا ۾،
يا علاج آهي يا تہ آهي ڪونہ.
جي علاج آهي، لهہ اُنءِ ڳولي،
جي نہ آهي، تہ فڪر ڪر نہ ۽ رو نہ.

●

## ١٢٣- علم ۽ جهل

(سنڌي بيت)

علم نماڻو ٿو ڪري، جيهل ڪري مغرور،
علم ٿو ڳالهائي هري، جيهل جي بڪ مشهور.
علم، حيا ڏاري ۽ ڊپ، علم رکي دل صاف،
جيهل يقين ۽ هٺ رکي، جيهل هڻي ٺٺ لاف.

●

## ١٢٤- مهرباني ءَ جا قسم

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

مٺهر واريون دليون ٿيون باغ مثال،
پاڙون ٿيون اُن جون مهر وارا خيال.
پور ڇاڻيج تون مهر وارا مقال،
ڦر ڪِٽيج مهر وارا تون اعمال.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ١٢٥- اميد جو واڙو

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

ٺاهه اڄ اميد جو واڙو تون پنهنجي آسپاس،
ويهه انهيءَ ۾ ڪر محبت جو تون ڪم، ۽ رهه
تون راس.
آن جي ڳڙڪن سان سياڻي تي نظر تون ڪامَ ڪج،
ڏک ۽ سک جيڪو اچي، حق جي مدد سان تون ڪٽج.

●

## ١٢٦- جهڙيون مائون تهڙا ٻار

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

ٻار آهن تيئن، ڪن مائون ٽيون جيئن،
پيءُ هجن ڪهڙا به ڏاها، ڪن به ڪيئن.
ٻار جي دل سوڙي، نت ماءُ جي نظر،
ٽئي اميد ۽ ڊپ جو پينگهي ۾ اثر.

●

## ١٢٧- روزا رکڻ

(مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن)

روزا رکي فقير، جو ماني رکي نه مور،
روزا رکي امير، نه، کائڻ جو جنهن ڪيو پور.
گهر وارو روزيدار ٿئي تا گهٽو بچاءَ،
گهڻ کائو روزيدار ٿئي تا گهٽو ڪپاءَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

روزا رکي ٿو ڪوڙو، تہ آ و ليکجي پاڪ،
روزا رکي سچو، تہ هٽي نفس کي ڪلو.

## ١٢٨- پراڻيون شيون

(مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات)

پراڻيون جهونيون شيون، پيون سيئي ٿين ٿيون خراب،
سواءِ چئن جي، جي جيئن پراڻيون تيئن ڪمياب:
پراڻي ڪاٺ کي ٻارڻ، پيئڻ پراڻو شراب،
پراڻي دوست کي وسهڻ، پڙهڻ پراڻو ڪتاب.

## ١٢٩- ڪتاب جي تعريف

(مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن)

جي هٿ اچي ڪتاب، ۽ گوشو ٿئي دستياب،
جت چانوَ فرحتي هوئي ٻاهر يا گهر اندر.
ساوا وڻن جا پن، مٿا ڪڙڪو مر تہ ڪن،
يا شهر جي گهٽين جو هجي هل ۽ حشر.
جيڪر خوشيءَ منجهان، آءٌ سچو ڏينهن پيو پڙهان،
احوال وقت حال جو، يا جنهن ڪيو گذر.
چاڪون تہ ڪو ڪتاب مزو ڏئي، جو بيحساب،
بهتر سو سون کان بہ آهي، منهنجي منجهہ نظر.


Scanned with CamScanner

## ١٣٠- شاديءَ لاءِ سعد ۽ نحس ڏينهن

[عيسائي مذهب موجب]

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

شادي، سومر ڏينهن آڻي مفلسي،
۽ اڱاري ڏينهن ڪرڻي ٺئي وري.
شادي، اربعا ڏينهن سڀ آهي سڀاڳ،
۽ خميس آڻي ٿي جوڙي لاءِ سهاڳ.
ڏينهن جمعي جي شادي، ڪا دلخواهه نا هه،
ڏينهن ڇنڇر جي ڪان ترسڻ بهتر آهه.
شادي آچر ڏينهن شوق آڻي شتاب،
شادي، بهتر رات جي، ڏينهن جي خراب.

●

## هفتي جا سعد ۽ نحس ڏينهن

[مقابلي لاءِ اسلامي مذهب موجب]

نحس هفتي ۾ ٻه ڏينهن آهن سدا،
سومر ۽ اربعا، سڀاڻج تون ادا!
ڪر نه تن ۾ شادي يا ٻيو اهڙو ڪم،
نه ته خوشيءَ بدران تون ڏسندين تن ۾ غم.
سعد آهن چار ڏينهن، هڪ ٻئي جا جيس،
جمعو ۽ ڇنڇر ۽ آچر ۽ خميس.
باقي هڪ آهي وچولو، ڪر سهي،
سو اڱارو آهي، سعد ۽ نحس ٻئي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ١٣١- ڀار ڇمڇ جا سعد ۽ نحس ڏينهن

[عيسائي مذهب موجب]

(مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن)

سومر جو ڀار ڇاول ٿئي سهڻو ۽ شڪيل،
۽ تو ٿئي اڳاري جو خوش خلق ۽ عقيل.
اربعا جو ڀار ڀڏ، رهي اڪثر ڏو غم اندر،
ڪرڙو خميس واري ڪي ٿئي ڏو گهڻو سفر.
جمعي جو ڀار محبتي نت ٿئي ڏو ۽ سخي،
ڇنڇر جو دائما رهي منجهه ڏک ۽ مفلسي.
آچر جي ڏينهن چون ٿا جيڪو ڄمي ٿو ڀار،
ٿئي نيڪ ۽ حسين ۽ خوش طبع هوشيار.

●

## ڀار ڄمڻ جا سعد ۽ نحس ڏينهن

[مقابلي لاءِ اسلامي مذهب موجب]

جمعي جو ڀار ٿئي ڏو تونگر ۽ نيڪ بخت،
ڇنڇر جو ڏينهن سعيد، مگر رات نحس سخت.
آچر جو ڀار بخت رکي علم ۽ هنر،
سومر جي ڀار کي رهي نت خوف ۽ خطر.
ٿئي تو اڳاري ڏينهن جو بيمار ۽ برو،
۽ رات وارو نيڪ مگر خطرو تس ڳرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اربعا جو بار تو ٿئي، زاهد ۽ متقي،
ديندار ٿئي خميس جو، پر خوف انس سهي.

## ١٣٢- سواري ڪرڻ جو قاعدو

(فاعلاتن مفاعلن فعلات)

رک متي تون مٿو ۽ دل پنهنجي،
هيٺ رک پنهنجا هٿ ۽ پنهنجون ڪڙيون.
هڻ تون گهوڙي جي پيٽ ۾ گوڏا،
بت تي پنهنجي دٻائي جهل ٿونٺيون.

## ١٣٣- ننڊي جي تعريف

(فعولن فعولن فعولن فعول)

آهن سڀ وڏا، ۽ ننڍو ناهي جت،
آتي پئي ڪري ٿي، اوسارڻ ۾ پت.

## ١٣٤- چڱو چوڻ ۽ چڱو ڪرڻ

(مفاعلين فعلاتن مفاعلن فعلات)

چوڻ چڱو به، چڱو، پر ڪرڻ چڱو، بهتر،
ڪرڻ چڱو، تيو معنيٰ، چوڻ چڱو تيو اکر.
ڪرڻ چڱي سان ٿئي، جي چوڻ چڱو شامل،
ته سيڪو خيال، عمل، قول ٿي پوي ڪامل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ١٣٥- پھريون ۽ پويون نہ ٿي

(مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن)

پھريون نہ ٿي، جنھين سان نئون آزمائجي،
پويون نہ ٿي، جنھين سان اڳئين کي ھٽائجي.

●

## ١٣٦- پنھنجي گھر جي تعريف

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

وڃ اُتر توڙي ڏکڻ، مشرق ۽ مغرب ڪر سفر،
آھي ماڻھوءَ لاءِ چڱو سڀني ھنڌن کان پنھنجو گھر.

●

## ١٣٧- ڳيرو بہ ٿي، ناڳ بہ ٿي

(فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)

تون ٿي ڳيري جھڙو، تا تو مان نہ ايذا ڪنھن کي ٿئي،
ناڳ جھڙو ٿـي تہ توکي اھنج ايـذا ڪو نہ ٿئي.

●

## ١٣٨- مار آھي سنوار

(مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن)

ھڪ زال، پيو ڪتو ۽ ٽيو اکروٽ جو درخـت،
بھتر ٿين اڳي کان، جي ڏين مار تن کي سخت.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## ١٣٩- ائين ٽئي ها ته چڱو

(فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات)

لفظ ارسان جو ٿيو جيڪو زباني يا لکيو،
وڌ سڀن کان هي چوڻ ”جي ائين ٽئي ها ته چڱو“!

●

## ١٤٠- احسان بابت چڱي صلاح

(فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات)

جي ڪري توتي ڪو احسان، گهڻن وٺ تون ڳاءِ،
تون گهڻن سان ڪرين احسان، ته ڪنهن کي نه ٻڌاءِ.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# مضمونن جي الف - بي وار فهرست

(انگ جدا جدا شعرن جا نمبر ٿا ڏيکارين)


آڀهر ۽ ڳئتي نہ ڪر (١٠٠)

اڄ (٢٦)

اڄ ٻج پوکڻ جو وقت (٤٠)

اڄ ۽ سڀاڻي (٩٢)

احسان بابت چڱي صلاح (١٤٠)

اسان جا عمل (٥١)

اسان جي حياتي (١١٢)

اميد جو واڙو (١٢٥)

انسان جي حياتيءَ جو مثال (٩١)

انگي حساب (٧٤)

اِئين ٿئي ها تہ چڱو (١٣٩)

ٻجڙي شئي بہ چڱي (٧)

بهشت تائين وڃڻ جو رستو (٧٢)

پار ٽپڻ جا آهي (١١٩)

پار چمڻ جا سعد ۽ نحس

ڏينهن (١٣١)

ٻئي ڪي ڏي (٩٩)

پلائي (٢٩)

تند رستي (٢٥)

ٽي سبق (٧٥)

پٽ کي نصيحت (٤)

پنهنجي گهر جي تعريف (١٣٦)

پراڻيون شيون (١٢٨)

پهرين نيڪي (٤٢)

پهريون ۽ پويون نہ ٿي (١٣٥)

جتي بہ آهن (١١١)

جهڙيون سائون تهڙا پار (١٢٦)

جمڻ ۽ مرڻ جي حقيقت (٦٧)

چڱائيءَ جو اجر (٥٧)

چڱو ارادو (١٠٢)

چڱو، بهتر ۽ بهترين ڪم (٩٣)

چڱو چوڻ ۽ چڱو ڪرڻ (١٣٤)

چوريءَ جا مثال (١٠)

حياتي (٧١)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

حياتي ننڍي آهي (۲۷)
حياتيءَ جو بوجو (۴٦)
حياتي ڇا آهي (۱۱۷)
حياتيءَ جو راڳ (۸۳)
حياتيءَ جي مدعا (۸۲)
حياتيءَ ڇرچو آهي (۵۹)
خدا جا رستا (۲۰)
خدا ڏي وڃڻ جا رستا (۱۲۰)
خوشامد (۵۰)
خيال ڪرڻ (۲۳)
دعا جو اثر (۱۱۸)
دل جي طاقت (۴۴)
دل ۽ دماغ (۸٦)
دنيا بي بقا (۸۹)
دنيا تماشي گاهه آهي (۲)
دنيا جا ڪم (۵۳)
دنيا جون لهرون ڪيئن
لنگهجن (۸۴)
دنيا جو گهر (۵۲)
دنيا رهڻ لائق آهي يا نه (۱)
دنيا سڀ ڪوڙ (۳۷)
دنيا فاني (٦۲)
دنيا ۽ عقبيٰ (٦۳)
دوستي (۲۴)
دولت ۽ درجو (۱٦)
ذاتي خوبي (۸)
ڏاهپ جو ڏس (۱۰۱)
ڏک جو فائدو (۱۱۵)
رات جي دعا (۱۱٦)
راڳ (٦۱)
رحم (۴۳)
رحمان ۽ شيطان (۴۹)
رحم جي تعريف (۳)
رک خدا تي ڀروسو،
ڪر ڪم ڀلو (۸۸)
روزا رکڻ (۱۲۷)
زبان (۱۰۳)
زر (٦۴)
زماني جون خوشيون
بي بقا (۴۵)
سڀ فنا (۳٦)
سجايو ڪيئن رهجي (۷۸)
سچ ۽ حسن (۴۷)
سچا خزانا ۽ سچا دوست (۴۰)
سچو گذران (۸۰)
سچي اميد (٦)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سچي ناموس (٣٤)
سک ۽ علم (١٣)
سک يا خوشي (١٢)
سمهڻ جي جاء ۾ رکڻ جا بيت (١٠٦)
سواري ڪرڻ جو قاعدو (١٣٢)
سوال جي ڏهاڙي پاڻ ڪان پڇڻ گهرجن (١٠٤)
سهڻيون شيون (٩٦)
شادي لاء سعد ۽ نحس ڏينهن (١٣٠)
شعر جو قافيو (٤٨)
شڪر گذاري (٧٣)
شينهن ۽ ڪتي جو فرق (٩)
صحيح سالم رهڻ جو علاج (٩٠)
صلح ڪل (٣٢)
عبادت (١٩)
عشق (٢٢ ۽ ٣٠)
عشق انڌو (٤١)
عشق جا چاڪر (٣٩)
عشق ۽ اميد (٢١ ۽ ٦٠)
علم ۽ جهل (١٢٣)
علموارن جون تڪليفون (٦٨)
علم ۽ عقل (١٧)
عيب ۽ هنر (٢٨)
فڪر نه ڪرڻ (١٢٢)
فيثا غورث حڪيم جو سونهري قاعدو (١٠٧)
قسمت تي حڪم (٣١)
قناعت (١٥)
قياس ۽ بيقياسي (٣٥)
ڪتاب جي تعريف (١٢٩)
ڪوڏر کڻ تون، ڪوڏر يار! (٩٥)
ڪوڙ (٥٦)
ڪوشش ڪرڻ (٩٨)
گلا غيبت نه ڪر (١١٤)
گيسر نه ڪر (٥٨)
ڳيرو به تي، نانگ به تي (١٣٧)
گهر موٽڻ جي خوشي (٣٣)
گهڻو جيئڻ ۽ چڱو جيئڻ (٨١)
گهڻو ڪير تو جيئي (٧٩)
گهڻو ۽ ٿورو علم (١٤)
مار، آهي سنوار (١٣٨)
ماڻهو (١١)
ماڻهو نصيب جو مالڪ (٦٥)
مٿي ڪيئن چڙهجي (٨٥)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مرڪڻ (١٢١)
مصيبت جي چڱائي (٥٤)
مهرباني جا قسم (١٢٤)
منهنجو اڇوڪو ڪمڪار (١٠٨)
منهنجي پياري آمان (٩٧)
موت آهيئي ڪونه (٨٧)
موت ڇا آهي؟ (١١٠)
نڌڪمائي (١٨)
نماڻائي ۽ عالي همتي (٦٦)
ننڊ (٥)
ننڊ ڙيون شيون (٩٤ ۽ ١١٣)
ننڊي جي تعريف (١٣٣)
وقت جي حقيقت (٣٨)
وقت جي ورچ (٧٦ ۽ ٧٧)
وقت يا حياتي ڇا آهي؟ (١٠٥)
هڪڙو ڪم، هڪ وقت (١٠٩)
هڪڙي ٿي دعا (٦٩)
هميشه پيئنڊ ڙ ۽ بڪنڊ ڙ (٥٥)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن تي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book